1. غلام عمر (مور مغيري)
2. پروفيسر نور محمد شاھ

# سيد رکيل شاھ ۽ سيد چيزل شاھ جي سنڌي شاعريءَ ۾ مخفف لفظ

(ABBREVIATED WORDS IN THE POETRY OF SYED RAKHYAL SHAH AND SYED CHEEZAL SHAH)

*Abstract:*

The philosophy of civilization of Sindh represents a journey of enlightenment, beauty, progress and moral refinement for humanity. A nation, that follows the spiritual and intellectual path of its civilization enjoys peace, safety, tranquility and happiness. The philosophical essence of the teachings of Syed Rakhyal Shah and Syed Cheezal Shah belongs to civilization of Sindh.

Both poets hold a great stature among the great Poets of Sindh. Their works are the nucleus of poetic notion and exhibit a wide range of intellectual depth. The diversity of themes in their poetry reflects their deep understanding of human experience, and many of their write – ups are found in multiple languages.

The paper entitles the use of abbreviated words in the poetry of Syed Rakhyal Shah and Syed Cheezal Shah. The use of abbreviations is a linguistic phenomenon observed in the languages of word. The term abbreviation refers to shortening of a long word into a concise form, and several examples of such words are easily sought.

سيد رکيل شاھ ۽ سيد چيزل شاھ جي شاعريءَ جو پيغام انسان ذات لاءِ روشني، رنگيني،ترقي ۽ سڌاري جي منزل آهي. جيڪا قوم پنهنجي سچن تهذيبي قدرن تي هلندي آهي، سا امن، سلامتي، سُڪون ۽ خوشيَن پريا ساھ کڻندي آهي.

هي مقالو سيد رکيل شاھ ۽ سيد چيزل شاھ جي شاعريءَ ۾ شامل مخفف لفظن جي تقابلي اڀياس تي مشتمل آهي. مخفف، لفظن جي وزن يا پدن کي گهٽائڻ يعني هلڪو ڪرڻ جو هڪ بهترين قسم آهي، جنهن سان وڏو لفظ، ننڍو آواز يا ننڍڙو لفظ بڻجي پوندو آهي پر سندس معنيٰ ساڳي برقرار هوندي آهي، يعني لفظ جي صوتين گهٽجڻ کان پوءِ بہ لفظَ جي معنيٰ ۾ فرق ناهي پوندو. جهڙِيءَ ريت شاعر پنهنجي نالي جو وزن هلڪو ڪرڻ لاءِ تخلص جو استعمال ڪندا آهن. ڊاڪٽر بلوچ مخفف جي



معنيٰ ”هلڪو ڪيل، گهٽ ڪيل، اختصار ڪيل، ٿورو ڪيل، ڇانٽيل ۽ ڇانگيل“ ڄاڻائي آهي. لفظن کي مخفف بڻائڻ جا ڪيترائي قسم آهن. ڪنهن لفظ جو هڪ صوتيو حذف ڪري، ان کي مخفف بڻايو ويندو آهي، ڪنهن جا بہ صوتيا، ڪنهن لفظ جا ٽي صوتيا ۽ ڪنهن لفظَ جا سيئي صوتيا ڪٽي، هڪ صوتيي کي مخفف ڪبو آهي، يعني مخفف ڪرڻ سان، ڪن لفظن جي حالت لفظي هوندي آهي، جن ۾ ڪي وڏا لفظ، ڪي وچٽرا ۽ ڪي ننڍڙا لفظ بڻجي ويندا آهن. جهڙوڪ: شاباس = شابس، شال = شل! وغيره. ڪي لفظ صرف صوتيي جي صورت ۾ مخفف ٿيندا آهن. جهڙوڪ: صفحو (ص)، پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ ٽ ا) ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي آفيسرن ۽ آفيسن جي انگريزي نالن کي بہ سنڌيت جو ويس پهرائي، انهن کي پنهنجي نالن طورانگريزي ۾ صوتي مخفف ڪيا ويا، مثلن: ڊپٽي ڪمشنر (ڊي سي)، اسسٽنٽ ڪمشنر (اي سي)، انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي)، ڊويزنل انسپيڪٽر جنرل (ڊي آءِ جي)، سينيئر سپريڊنٽ پوليس (ايس ايس پي)، سپريڊنٽ پوليس (ايس پي)، ڊپٽي سپريڊنٽ پوليس (ڊي ايس پي)، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (ڊي اي او/ ڊي او)، تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر (ٽي اي او/ ٽي او) ڪٿي وري ادارن ۽ تنظيمن جي نالن کي بہ مخفف بڻائي، انهن کي لفظ جي صورت ڏني ويندي آهي. ڪن نالن ۽ ادارن جي پوئين لفظ کي مخفف بڻايو ويندو آهي مثال طور: حسين بن منصور حلاج (حلاج) لهجاتي، ٻولياتي ۽ موسمياتي مخفف بہ هوندا آهن. جهڙوڪ: سنڌي (س) وغيره. نون غني طور بہ مخفف آهن: مِين (۾)، اَئين (۽)، ٻنهي لفظن کي بہ مخفف ڪيو ويو آهي: نہ آهي (ناهي)، ڇا آهي؟ (ڇاهي؟)، ڪانہ آهي (ڪانهي) ۽ ڪن لفظن يا جملن جو مخفف ابجد جي انگن موجب ڪڍيو ويندو آهي. جيئن: بسم الله الرحمن الرحيم (786) ۽ علي (110) ۽ دوکي، ٺڳي، فريب ۽ ڌوکي جو ابجدي مخفف 420 آهي. مخففن جو استعمال دنيا جي ٻين ٻولين ۾ عام آهي.

ڊاڪٽر الطاف جوکيو لکي ٿو:

> مخفف سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن لفظ جي روپ کي گهٽائڻ جو نالو آهي، سنڌي صوررتخطيءَ ۾ اهي روپ، ٿلهي ليکي ٻارهن نوعيَتن/ طريقن سان ڪم اآندا ويندا آهن. (جوکيو 2021: 159)

ڊاڪٽر الطاف جوکئي مخففن جا هيٺيان ٻارهن قسم ڄاڻايا آهن:

1. قبل مسيح (ق. م) 2. سنڌي ادبي سنگت (ساس) 3. لوهار (لوهر)، ڪنڀار (ڪنڀر) 4. رنڌڻو (رڌڻو)، هاٿوڪين (هاٿوڪن) 5. بدتر (بتر)، اوتحاد (اتحاد) 6. صلي الله عليه وسلم (ص ه)، هجري (هه) 7. رضي الله عنه (رضه)، رحمت الله عليه (رح) 8. قتلِ عام (قتلام) 9.سيارو، ربيع، اونهارو ۽ خريف (سِراخ) 10. سنسڪرت (سن)، پراڪرت (پرا) 11.ابجدي مخفف 12. اسڪولن ۾ ٻارن کي مخفف رستي لفظَ پڙهائڻ. (جوکيو 2021، 159)

سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ مخفف لفظن جو استعمال:

”جي بہ سڄاڻي پاڻ کي، تہ سُکي ننڊ وڃاءِ،
اٿي اور ”الف“ سان، تہ ور وِک وڌاءِ،
اَلانِسَان سِرِي وَاَنَا سِره، ڳجهو ٿي ڳالهاءِ،
اٿي جانب انهيءَ جاءِ، ”شاهه رکيل“ ديرو تنهنجي دل ۾.“
(بحرالعشق، 2014: 454)

صوفي سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ مخفف لفظن جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. الله تعاليٰ جي نالي جي مخفف طور ”الف“ استعمال ڪيو ويندو آهي. الف مان مراد، الله تعاليٰ ڏانهن اشارو سمجهيو ويندو آهي. صوفي شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾، الف کي، الله تعاليٰ ڏانهن اشارو ڏيندي، مخفف لفظ ڪتب آندو آهي.

”هوت اڇي هنڌ ڪيو، ڏسان جاڏي ڪاڏي جاءِ،
هر صورت ۾ هڪ آهه، مان ٻيو نہ ڏسان ڪو ”شال!“،
اهڙي بہ سِڪ سيد چوي، ما کي سَوين لنگهيا ها سال!
جي ڪٺان اکين جا پال، تہ ”رکيل“ هر طرحين ٿو هڪ ڏسان.“
(بحرالعشق، 2014: 457)

هن بيت ۾ مخفف لفظ ”شالَ!“ استعمال ڪيو ويو آهي. يعني لفظ شالَ! مان مراد، انشاءَ الله ورتي وئي آهي. انشاءَ الله معنيٰ الله تعاليٰ جيڪڏهن گهريو. الله تعاليٰ جي رضا هوندي تہ الله تعاليٰ چاهيو تہ. مخفف وڏي لفظَ کي سهوليت طور ننڍڙو ڪري لکڻ لاءِ جوڙيا ويندا آهن. جيڪي قالب يا نموني ۾ پنهنجو گهاڙيٽو رکندا آهن پر معنيٰ



بنيادي لفظَ جي رکندا آهن. ڊاڪٽر بلوچ لفظ ”شال!“ جي معنيٰ هِن ريت ڄاڻائي آهي:
ان شاءَ الله = جيئن الله گهريو، خدا ايئن ڪري، الله ڪري! الله گهريو تہ. شَلَ، مَنَ. (بلوچ، 2006، 409)

سيد رکيل شاهه فرمايو آهي تہ:

”ٻيوس جي ئي باب ۾، ويئي آهي قلم وهي،
انگ لکيو ئي اَلَستَ کون، منهنجو سانول سان صحيح،
فڪر بہ فاني ڪيم وجود کي، اڇي اها رمز رهي،
”شاهه رکيل“ نہ تہ ويندم لوچ لهي، ”شل!“ سدا هوندم ساهه سان.“
(بحرالعشق، 2014: 460)

سيد رکيل شاهه جي مٿئين بيت ۾ ’شل!‘ مخفف لفظُ ڪتب آيل آهي، جيڪو لفظ شالَ! جو مخفف آهي. ”انشاءَ الله“ جو مخفف ”شال!“ آهي ۽ ”شال!“ جو مخفف ”شل!“ آهي. سنڌي ٻولي نهايت وسعت، جدت ۽ ڪشادي زمين رکندڙ آهي، جنهن جو مثال هي آهي تہ عربي ٻوليءَ جي لفظ ”انشاءَ الله“ کي سنڌيت جو ويس پهرائي، ”شال!“جو مخفف استعمال ڪيائون ۽ وري مخفف ”شال!“ کي وڌيڪ هلڪو ڪرڻ ۽ خوبصورت اچار طور استعمال ڪرڻ لاءِ ”شل!“ جي بناوت ۾ مخفف لفظ جوڙيائون.

”ڪٿي آدم شيث نبي، ڪٿي نوح طوفان راز رَبي،
ڪٿي ابراهيم آڙاهه زَبي، اهڙي آزمائش در دوستن.
ڪٿي ذڪريا، ڪٿي يحيٰ، ڪٿي موسيٰ ڪوهه طور وهوا،
ڪٿي الياس تي عيسيٰ، سختي عارف سِر سهن.
ڪٿي يوسف ڪنعاني، ڪٿي مصر بازار غلامي،
ڪٿي يعقوب گِرياني، ڳجهو تنهنجو راز ڪيئن سي لَهن.“
(بحرالعشق، 2014: 63)

هن ڪافيءَ جي بندن ۾ ”ڪٿي“ لفظ 9 دفعا ڪتب آيل آهي. هي لفظ ”ڪاٿي“ جو مخفف آهي. الله تعاليٰ پنهنجي پيارن جي مٿان امتحان آڻي، انهن کي آزمائي پاس ڪيو. حضرت آدم عليہ السلام کي بهشت مان ٻاهر ڪڍي، حضرت بيبي حوا کان ڌار ڪيو ويو. حضرت نوح عليہ السلام کي پاڻيءَ جي طوفان کان ٻيڙيءَ تي پار ڪيو. حضرت ابراهيم عليہ السلام کي آڙاهه ۾ وڌو ويو. حضرت ذڪريا عليہ السلام،

حضرت يحيٰ عليہ السلام، حضرت موسيٰ عليہ السلام، حضرت الياس عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام مٿان بہ آزمائشن جا بار وڌا ويا. حضرت يوسف عليہ السلام کي ڪنعان مان آڻي، مصر جي بازار ۾ کپايو ويو. حضرت يعقوب عليہ السلام کي گريان شهر ۾ ترسائي، حضرت يوسف عليہ السلام جي جدائيءَ ۾ تڙپايو ويو.

ڪُن فَيَڪُون قلمات آهہ "جِٿ ڪِٿ ظهورو ذات آهہ
اَلاِنسَانُ سِر صفات آهہ خود خيال سان ٿو خلق چوان.

(بحرالعشق، 2014: 131)

ڪافيءَ جي مٿين بند ۾ "جِٿ ۽ ڪِٿ" مخفف لفظ استعمال ٿيل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ "جاٿي" جو مخفف "جٿي" آهي ۽ "جٿي" جو مخفف "جٿ" آهي. "ڪاٿي" لفظ جو مخفف "ڪٿي" آهي ۽ "ڪِٿي" جو مخفف "ڪِٿ" آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مخفف لفظَ بہ جهجهي تعداد ۾ ملن ٿا ۽ هڪ لفظ جا ٻہ ٻہ مخفف بہ ٺاهيا ويا آهن.

**سيد چيزل شاهہ جي شاعريءَ ۾ مخفف لفظن جو استعمال:**

"آڏوتي "الف" ڪئون، واندا ڪين ويهن،
پهريون پنهنجي نفس کي، ٿا پل پل پرزا ڪن،
سامهون ٿيا سبحان کي، ٿا ساري رات رڙن،
اٿي اَسُر ويل جو، ٿا سيني سَوزَ سڙن،
سهڻا "چيزل" ٿا پُور پوَن، جو دم دم دونهان درد جا."

(بحرالعميق، 2014: 235)

سيد چيزل شاهہ جي هن بيت ۾ "الف" مخفف لفظ شاعريءَ جي سُونهن بڻيل آهي. الف، خدا تعاليٰ ڏانهن اشاري جو مخفف لفظ آهي. الف مخفف صرف شاعريءَ ۾ ڪتب آندو ويندو آهي. خاص ڪري، عارفاڻي پيغام ۾ الله سائين لاءِ پهريون صوت "الف" گهڻي ڀاڱي مخفف طور استعمال ڪيو ويندو آهي. بيت جو متن بہ اهوئي آهي: لاهوتي اٺئي پهر الله تعاليٰ جو دل ۾ ورد ڪندا رهندا آهن. هو پهريان پنهنجي نفس کي ماري مڃائيندا آهن، پوءِ رب تعاليٰ جي حضور ۾، اکين مان ڳوڙها ڳاڙي، آزيون ۽ نيازيون ڪري، ذڪر ۽ فڪر ۾ فنا ٿي ويندا آهن. اسُر مهل وري قلبي ذڪر ذريعي الله تعاليٰ جو حمد ڪندا آهن.



ايندم اوڏهون "شال!"
وري ڪندا تہ وصال.
تنهن جي ملڻ ٻنان،
منهنجا ڏکيا ڏاڍا حال.

(بحرالعميق، 2014: 116)

ڪافيءَ جي هن مطلع ۾ "شال!" مخفف جو لفظُ آهي. مطلع جو مطلب آهي: انشاءَ الله، منهنجو پنهل واپس اچي، مون سان ملندو، سندس ديدار بنا، هتڙي منهنجا هيڻا حال ٿي ويا آهن.

ٻي پهر ٻڏي هيم، هاڪ اِها تہ هڪل،
پنهل ڪٽي ويا پاڻ سان، نڪي مون ڪري موڪل،
صبح جو اُٿي سَسُئي، ٻڏي تَن اندر تَوڪل،
موٽي ملندي "شل"! سهڻا "چيزل" پنهنجي يار پنهل سان.

(بحرالعميق، 2014: 243)

سيد چيزل شاهہ جي هن بيت ۾ "شل!" مخفف لفظ شامل آهي. "شل!" جو بنياد "شال!" آهي ۽ "شال!" جي پيڙهہ "انشاءَ الله" آهي. بيت سسئي ۽ پنهونءَ تي لکيل آهي. آڌيءَ رات جو سسئي جاڳي دانهن ڪئي تہ منهنجو پنهل منهنجي ٻڌائڻ بغير ڪٽي ويا ۽ صبح ٿيڻ شرط، توڪل ڪري، پنهنجي پنهل سان ملڻ جي اميد رکي، رَندَ وٺي، سسئي راهي ٿي.

"آدم ٿي "هِت" ڪاڏنهن آئين، اربع عناصر نام سڏائين،
تون اصلي ناهين ناهين، اٿي هوش عقل جو ڦيرو وو ميان."

(بحرالعميق، 2014: 70)

ڪافيءَ جي مٿين بند ۾ "هِت" لفظ استعمال ٿيل آهي، جيڪو "هِتي" جو مخفف آهي ۽ "هُتي" جو مخفف "هُت" آهي. اهڙيءَ طرح هنن لفظن جا آوازي مخفف بہ آهن يعني زِير جو مخفف زِير جي آواز تحت آهي ۽ پَيشُ جي آواز جو مخفف پَيشُ سان آهي. جهڙوڪ: هِت ۽ هُت.

ڪٿي ازلي اعليٰ شان ڏٺم،
ڪُل وصف نبين جا نشان ڏٺم.

(بحرالعميق، 2014: 223)

هن ڪافيءَ جي سِٽن ۾ ”ڪٿي“ ڪتب آيل آهي. هي لفظ ”ڪاٿي“ جو مخفف آهي. سيد چيزل شاهه جي شاعريءَ ۾ مخفف لفظن جو استعمال نهايت قابليت سان ٿيل آهي. سندس شاعريءَ ۾ شامل مخفف لفظن تي به، سيد رڪيل شاهه جي شاعريءَ جو اثر ملي ٿو.

**نتيجو:**

سيد رڪيل شاهه ۽ سيد چيزل شاهه جي شاعريءَ ۾ شامل مخفف لفظن جو تقابلي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي ته، ٻنهي شاعرن مخفف لفظن جو استعمال ڪيو آهي. سندن شاعريءَ ۾ ”الف، شال، شل، ڪٿي، هتي، ڪٿ ۽ هت وغيره“ لفظن جو استعمال ملي ٿو ۽ ٻنهي شاعرن جي مخففن ۾ هڪجهڙايون ملن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ جي سڀني اساسي شاعرن مخففن جو استعمال ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت سيد رڪيل شاهه ۽ سيد چيزل شاهه جي شاعريءَ ۾ مخفف لفظن جو استعمال بيحد خوبصورتي ۽ مهارت سان، تخليقن جي زينت بڻيل آهي.

## حوالا


سيد، رڪيل شاهه (2014ع)، بحرالعشق، جيڪب آباد: سنڌ، فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا.
سيد، چيزل شاهه (2014ع)، بحرالعميق، جيڪب آباد: سنڌ، فتح ڪلاٿ هائوس.
بلوچ، نبي بخش خان، (2006) هڪ جلدي سنڌي لغت، حيدرآباد: سنڌ، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
جوکيو الطاف، ڊاڪٽر. (2021)، عربي-سنڌي اکر جو اڀياس، مهرابپور: سنڌ، ميم جيم پبليڪيشن.